سنڌي

# شهرت جي خواهش

اللّٰه
تو خوشی کے پھول لے گا کب تلک!
تو یہاں زندہ رہے گا کب تلک!
کرلے جو کرنا ہے آخر موت ہے
— الموت


شيخِ طريقت، امير اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي، حضرت علامه مولانا ابو بلال
محمد اِلياس عطّار قادِري رَضَوي
دامت برکاتهم العالية

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# ڪتاب پڙھڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙھڻ کان پھريان ھيٺ ڏنل دعا پڙھي چڏيو اِنْ شَآءَاللہ جيڪو ڪجھ پڙھندا ياد رھندو، دعا ھي آھي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي چڏ ۽ اسان تي پنھنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج 1 ص40 دار الفڪر بيروت)



طالب غم مدينہ بقيع و مغفرت

**(نوٽ: اول آخر ھڪ ھڪ ڀيرو درود شريف پڙھي چڏيو)**

رسالي جو نالو: شھرت جي خواھش

ڇاپو پھريون: ذي القعدة الحرام 1441ھ، جون 2020ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي

مدني التجا: ڪنھن کي بہ ھي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناھي

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجھ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي ھجي يا صفحا گھٽ ھجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا ھجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامه

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

جو اُردو زبان ۾ رسالو

# شهرت جي خواهش

## ترجمو پيشڪش

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** 🖃 translation@dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

هي مضمون ”عاشقانِ رسول جون 130 حڪايتون “
جي صفحي 102 کان 130 مان ورتو ويو آهي

# شهرت جي خواهش

## دعاءِ عطار

مولاءِ ڪريم! جيڪو بہ هن رسالي ”شهرت جي خواهش“ جا 29 صفحا پڙهي يا ٻڌي وٺي ان جي دل مان شهرت جي خواهش ڪڍي ان کي خُلوص ۽ عاجزي جو پيڪر بڻاءِ ۽ هميشہ جي لاءِ ان کان راضي ٿي وڃ.

اٰمِیْن بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِیْن صَلَّی اللّٰهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## درود شريف جي فضيلت

سرورِ ڪائنات، شاهِ موجودات صَلَّی اللّٰهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ارشاد آهي: ”جنهن مون تي هڪ ڀيرو درودِ پاڪ پڙهيو الله عَزَّوَجَلَّ ان تي ڏهہ رحمتون موڪلي ٿو.“ (مُسلم شريف ص216، حديث:408)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## عجيب انداز ۾ نفس جي پڪڙ

حضرت سيدنا ابو محمد مُرتَعِش رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ”مون تمام گهڻا حج ڪيا ۽ انهن مان اڪثر حجّ سفري خرچ کان سواءِ ڪيا. پوءِ مون تي ظاهر ٿيو تہ اهو صرف منهنجي نفس جو ڌوڪو هو ڇو تہ

هڪ دفعي منهنجي ماءُ مون کي پاڻي جو دِلو ڀري کڻي اچڻ جو حڪم ڏنو تہ منهنجي نفس تي ان جو حڪم سخت لڳو، ان ڪري مان سمجهي ويس تہ حج جي سفر ۾ منهنجي نفس منهنجي پيروي رڳو پنهنجي لذت جي لاءِ ڪئي آهي ۽ مون کي ڌوکي ۾ رکيو آهي ڇو تہ جيڪڏهن منهنجو نفس فنا ٿي چڪو هجي ها تہ اڄ هڪ شرعي حق پورو ڪرڻ (يعني ماءُ جي اطاعت ڪرڻ) نفس تي بي حد ڏکيو نہ لڳي ها. (الرسالۃ القشيريہ ص 135)

## حبِ جاه جي لذت عبادت جي تڪليف ڏي آسان ڪري ڇڏيندي آهي

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو اوهان! اسان جا بزرگ کهڙي مدني سوچ رکندا هئا ۽ ڪيتري تہ عاجزيءَ جا پيڪر هئا. گهٽڻ جي عادت هوندي آهي جو اهي عام ماڻهن سان تہ جهڪي ڪري ملندا آهن ۽ چڱي نموني ملندا آهن، پر ماءُ پيءُ، ڀاءُ ڀينرن ۽ ٻار ٻچن سان انهن جو سلوڪ ڪاوڙ وارو، غير اخلاقي ۽ ڪڏهن ڪڏهن تہ سخت دل آزاريندڙ هوندو آهي. ڇو؟ ان ڪري جو عوام ۾ سٺي اخلاق جو مظاهرو عام مقبوليت جو سبب بڻبو آهي، جڏهن تہ گهر ۾ سٺي سلوڪ ڪرڻ سان عزت ۽ شهرت ملڻ جي خاص اميد ناهي هوندي، ان ڪري اهي ماڻهو عوام ۾ تمام منڙا بڻيل هوندا آهن. اهڙي طرح جيڪي اسلامي ڀائر ڪجھ مستحب ڪمن جي لاءِ وڏي ڪري قربانيون پيش ڪندا آهن، پر فرضن ۽ واجبن جي ادائيگيءَ ۾ لاپرواهي ڪندا آهن، مثال طور: ماءُ، پيءُ جي اطاعت، ٻار ٻچن جي شريعت مطابق تربيت ۽ خود پنهنجي لاءِ فرض علم حاصل ڪرڻ ۾ غفلت کان ڪم وٺندا آهن، انهن جي لاءِ بہ هن حڪايت ۾ عبرت جا

نهايت اهم مدني گل آهن. حقيقت اها آهي ته جن نيڪ ڪمن ۾ شهرت ملندي ۽ واه واه ٿيندي آهي، اهي ڏکيا هئڻ باوجود آسانيءَ سان ٿي ويندا آهن، ڇو ته حبِّ جاه (يعني شهرت ۽ عزت جي چاهت) جي ڪري ملڻ واري لذت وڏي کان وڏي تڪليف ختم ڪري ڇڏيندي آهي. ياد رکو! ”حبِّ جاه“ ۾ تباهي ئي تباهي آهي. عبرت حاصل ڪرڻ جي لاءِ ٻه فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پيش آهن: (1) **الله** عَزَّوَجَلَّ جي عبادت ڪرڻ جي ٻانهن جي طرفان ڪئي ويندڙ تعريف جي محبت سان ملائڪ ڪان بچندا رهو، ائين نه ٿئي جو توهان جا عمل برباد ٿي وڃن. (فردوس الاخبار ج 1 ص 223 حديث 1567) (2) ٻه بکايل بگهڙ ٻڪرين جي ڌڻ ۾ ايتري تباهي نه ٿا مچائن جيتري تباهي مال ۽ عزت جي چاهت (يعني مال ۽ دولت، عزت ۽ شهرت جي محبّت) مسلمان جي دين ۾ مچائي ٿي. (ترمذي ج 4 ص 166 حديث 2383)

## حُب جاه جي باري ۾ اهم ترين مدني گل

”حُبِّ جاه“ جي باري ۾ اِحياءُ **العُلُوم** جلد 3 صفحي 616 ۽ 617 کي سامهون رکي ڪجهه مدني گل خدمت ۾ پيش آهن. (حبِّ جاه ۽ ڏيکاءُ) نفس کي تباهه ڪرڻ وارن اهم ڪمن ۽ باطني مڪر و فريب مان آهن. انهن ۾ عالم، عبادت ڪندڙ ۽ آخرت جي منزل طئي ڪرڻ وارا ماڻهو مبتلا ڪيا ويندا آهن، هن طرح جو اهي ماڻهو اڪثر ڪري تمام گهڻيون ڪوششون ڪري عبادتون ڪرڻ، نفساني خواهشن کي مارڻ ۽ ايتري تائين جو شڪ وارين ڳالهين کان به پاڻ کي بچائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندا آهن. پنهنجي عضون کي ظاهري گناهن کان بچائي وٺندا آهن، پر عوام جي سامهون پنهنجي نيڪ ڪمن، ديني ڪارنامن ۽ نيڪيءَ جي دعوت عام ڪرڻ جي لاءِ

ڪيون ويندڙ ڪوششون، جيئن تہ ”مون هي ڪيو، هو ڪيو، هُتي بيان هو، هِتي بيان آهي. بيانن ۾ (نعت پڙهڻ جي لاءِ) ايترين ايترين تاريخون بُڪ آهن. مدني مشوري ۾ رات هيترو وقت ٿي ويو هو ۽ آرام پورو نہ ٿيڻ جي ڪري ٿڪاوٽ آهي، ان ڪري آواز ويٺل آهي. مدني قافلي ۾ سفر ڪرڻو آهي، هيترن هيترن مدني قافلن ۾ يا مدني ڪمن جي لاءِ فلاڻي فلاڻي شهرن ۽ ملڪن جو سفر ڪري چڪو آهيان وغيره وغيره جي اظهار جي ذريعي پنهنجي نفس جي راحت جا طلبگار هوندا آهن، پنهنجو علم ۽ عمل ظاهر ڪري مخلوق وٽ مقبوليت ۽ انهن جي طرفان ٿيڻ واري پنهنجي تعظيم ۽ توقير، واھ واھ ۽ عزت جي لذت حاصل ڪندا آهن. جڏهن مقبوليت ۽ شهرت ملڻ لڳندي آهي تہ ان جو نفس چاهيندو آهي تہ علم ۽ عمل ماڻهن تي اجان وڌيڪ ظاهر ٿيڻ لڳي تہ جيئن اجان بہ عزت وڌي، ان ڪري اهي پنهنجي نيڪين، علمي صلاحيتن جي تعلق سان مخلوق جي اطلاع جا وڌيڪ رستا ڳوليندا آهن ۽ ان تي قناعت ناهن ڪندا تہ منهنجو ربّ عَزَّوَجَلَّ منهنجي عملن کان با خبر آهي ۽ مون کي اجر ڏيڻ وارو آهي، پر ان ڳالھ تي خوش ٿيندا آهن تہ ماڻھو ان جي واھ واھ ۽ تعريف ڪن ۽ خالق عَزَّوَجَلَّ جي طرفان ملڻ واري تعريف تي قناعت ناهن ڪندا. نفس اها ڳالھ چڱيءَ طرح سمجهندو آهي تہ ماڻهن کي جڏهن ان ڳالھ جو علم ٿيندو تہ فلاڻو ٻانهو نفساني خواهشن جو تارڪ آهي، شڪ شبهن کان بچندو آهي، راهِ خدا ۾ ڪيترائي پئسا خرچ ڪندو آهي، عبادتن ۾ سخت مشقتون برداشت ڪندو آهي، خوفِ خدا ۽ عشق مصطفيٰ ۾ تمام گهڻي آھ و زاري ڪندو ۽ ڳوڙها ڳاڙيندو آهي، مدني ڪمن جي

تمام گهڻي ڪوشش ڪندو آهي. ماڻهن جي اصلاح جي لاءِ ڏاڍي دل جلائيندو آهي، گهڻن مدني قافلن ۾ سفر ڪندو ۽ ڪرائيندو آهي. زبان اک ۽ پيٽ جو قفل مدينہ لڳائيندو آهي، روزانو فيضانِ سنت جا هيترا هيترا درس ڏيندو آهي، مدرسة المدينہ (بالغان) صداءِ مدينہ، علاقائي دورو براءِ نيڪيءَ جي دعوت جو وڏو ئي پابند آهي تہ انهن ماڻهن جي زبانن تي ان ٻانهي جي گهڻي تعريف جاري ٿي ويندي آهي، اهي ان ڪي عزت ۽ احترام جي نگاهن سان ڏسندا آهن. ان جي ملاقات ۽ زيارت ڪي پنهنجي لاءِ سعادت جو سبب ۽ آخرت جو سرمايو سمجهندا آهن. برڪت جي لاءِ گهر يا مڪان تي ٻہ قدم رکڻ، هلي ڪري دعا ڪرڻ، چانهہ پيئڻ، طعام جي دعوت قبول ڪرڻ جي لاءِ نهايت احترام سان درخواست ڪندا آهن. ان جي راءِ تي هلڻ ۾ ٻنهي جهانن جي ڀلائي تصور ڪندا آهن. ان ڪي جتي ڏسندا آهن تہ خدمت ڪندا آهن ۽ سلام پيش ڪندا آهن، ان جي اوبر ڪائڻ پيئڻ جو حرص رکندا آهن ۽ ان جو تحفو يا ان جي هٿ لڳل ڪا شيءِ حاصل ڪرڻ ۾ هڪ ٻئي تي اڳڀرائي ڪندا آهن، ان جي ڏنل شيءِ ڪي چمندا آهن، ان جي هٿن پيرن ڪي چمندا، احترام طور سائين! حضور! يا سيدي! وغيره وغيره لقبن سان عاجزي واري انداز ۽ آهستي آواز ۾ ڳالهائيندا آهن. هٿ ٻڌي، مٿو جهڪائي دعائن جون التجائون ڪندا آهن. مجلسن ۾ ان جي اچڻ تي تعظيم لاءِ اٿي بيهندا آهن. ان ڪي ادب جي جڳهہ تي ويهاري، ان جي سامهون هٿ ٻڌي بيٺا هوندا آهن، ان کان اڳ ۾ ماني شروع ناهن ڪندا، عاجزانہ طور تحفا ۽ نذرانا پيش ڪندا آهن. عاجزي ڪندي ان جي سامهون پنهنجو پاڻ ڪي ننڍو (مثال طور خادم، غلام وغيره) ظاهر ڪندا آهن.

خريد و فروخت ۾ ٻين معاملن ۾ ان سان رعايت ڪندا آهن. ان ڪي عمده ڪوالٽي جون شيون ۽ اهي ٻہ سستيون يا مفت ڏيندا آهن. ان جي ڪمن ۾ ان جي عزت ڪندي جهڪي ويندا آهن. ماڻهن جي اهڙي قسم جي عقيدت وارن طريقن سان نفس کي وڏيڪ لذت حاصل ٿيندي آهي ۽ هيءَ اها لذت آهي جيڪا سڀني خواهشن تي غالب هوندي آهي. اهڙي قسم جي عقيدتن ڀرين لذتن جي ڪري گناهن کي ڇڏڻ ان کي معمولي ڳالهہ لڳندي آهي ڇو تہ ”حبِّ جاهہ“ جي مريض کي نفس گناهہ ڪرائڻ بجاءِ ان جي ابتڙ سمجهائيندو آهي: ڏس گناهہ ڪندين تہ عقيدتمند منهن ڦيرائي ويندا، ان ڪري نفس جي تعاون سان پيروڪارن ۾ پنهنجو وقار برقرار رکڻ جي جذبي تحت عبادت تي استقامت جي شدت ۾ ان کي نرمي ۽ آساني محسوس ٿيندي آهي ڇو تہ هو باطني طور تي لذتن جي لذت ۽ سڀني شهوتن (يعني خواهشن) کان وڏي شهوت (يعني عوام جي عقيدت مان حاصل ٿيندڙ لذت) جو ادراڪ (سڃاڻپ) حاصل ڪري وٺندو آهي ۽ اهو ان خوش فهميءَ ۾ پئجي ويندو آهي تہ منهنجي زندگي **الله** تعاليٰ جي لاءِ ۽ ان جي مرضي مطابق گذري رهي آهي، جيتوڻيڪ ان جي زندگي ان پوشيده (حُب جاهہ يعني پنهنجي واهہ واهہ ڪرڻ واري لڪل) خواهش تحت گذرندي آهي. جنهن جي ادراڪ (يعني سمجهڻ) کان ڪامل عقل عاجز ۽ بيوس آهن، اهو خدا تعاليٰ جي عبادت ۾ پنهنجو پاڻ کي مخلص ۽ پاڻ کي **الله** تعاليٰ جي مَحارم (حرام ڪيل معاملن) کان پاسو ڪرڻ وارو سمجهندو آهي! حالانڪ ائين ناهي، بلڪ هو تہ ٻانهن جي سامهون زيب و زينت ۽ تَصَنُّع (يعني بناوٽ) جي ذريعي ڪافي لذتون حاصل ڪري رهيو آهي.

ان کي جيڪا عزت ۽ شهرت ملي رهي آهي، ان تي تمام گهڻو خوش آهي. اهڙي طرح عبادتن ۽ نيڪ ڪمن جو ثواب ضايع ٿي ويندو آهي ۽ ان جو نالو منافقن جي فهرست ۾ لکيو ويندو آهي ۽ اهو نادان هي سمجهندو آهي ته ان کي الله عَزَّوَجَلَّ جو قرب حاصل آهي.

مرا ہر عمل بس ترے واسطے ہو
کر اخلاص ایسا عطا یا الٰہی

(وسائل بخشش78)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## پاڻ پڏائڻ وارن حاجين جي لاءِ مدني گل

ڪي مالدار هر هر حج ۽ عمري تي ويندا آهن، انهن جي ڳڻپ خوب ياد رکندا آهن، ڪيئي پيرا بنا پڇڻ جي بغير ضرورت ماڻهن کي پنهنجي حج ۽ عمري جو تعداد ٻڌائيندا ۽ مديني جي سفر جا ڪارناما ٻڌائيندا آهن. انهن کي احساس ئي ناهي ٿيندو ته هو ڪٿي رياڪاري (ڏيکاءُ) جي تباهي ۾ نه وڃي پون. حطيم شريف ۾ داخل ٿيڻ به عين ڪعبي پاڪ ۾ ئي داخل ٿيڻ آهي، جيڪو هر هڪ کي نصيب ٿي سگهي ٿو، پر ان جو تذڪرو ڪو به ناهي ڪندو ۽ جيڪڏهن ڪنهن کي ڪعبي جي اندر داخل ٿيڻ يا ڪنهن ملڪ جي سربراهه سان گڏ سونهري جارين جي اندر حاضري جي سعادت ملي وڃي ته پوءِ پنهنجي واتان پنهنجون فضيلتون بيان ڪندي ناهن ٿڪبا. اهڙي طرح ڪجهه ماڻهو پنهنجون فضيلتون ائين به بيان ڪندي ٻڌا ويا آهن ته صاحب! اتي ته اسان جيڪو گهريو، سو مليو، هر تمنا پوري ٿي، فلاڻي جي ملاقات جي خواهش هئي ته ٿوريءَ ئي دير ۾ ملي ويو وغيره وغيره اهڙي طرح سادڙا ٻڌجي اهي ماڻهو

سمجهندا آهن تہ اسان جو وقار بلند ٿيندو جڏهن تہ ائين ٿيڻ ضروري ناهي، ٿي سگهي ٿو تہ ڪجھ ماڻهو ان جو مطلب اهو بہ وٺندا هجن تہ اهو حاجي صاحب ”مقدّس مقامات“ جي عظمت جي بيان سان گڏوگڏ پنهنجي ”ڪرامت“ بہ ٻڌائي رهيو آهي! ها تحديث نعمت يا ٻين کي رغبت ڏيڻ جي نيّت سان پنهنجو پاڻ تي ٿيڻ وارن **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي انعامن جي تذڪري ۾ حرج ناهي. بهرحال هر هڪ کي پنهنجي نيت تي غور ڪرڻ ضروري آهي تہ فلاڻي ڳالھ ڇو ڪري رهيو آهيان؟ جيڪڏهن ٻڌائڻ ۾ آخرت جي ڀلائيءَ جو پهلو آهي تہ ڳالهائجي، نہ تہ چپ رهجي. فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: ”جيڪو اللّٰه ۽ قيامت تي ايمان رکي ٿو تہ ان کي گهرجي تہ ڀلائي جي ڳالھ ڪري يا خاموش رهي.“ (بخاري ج 4 ص 105 حديث 6018)

## ڇا پنهنجي حج ۽ عمرن جو تعداد ٻڌائڻ گناھ آهي؟

پنهنجي حج ۽ عمري جو تعداد ٻڌائڻ هر صورت ۾ گناھ ناهي، حديث پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَاالْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات يعني عملن جو دارومدار نيّت تي آهي. (بخاري ج 1 ص 2 حديث 1) جيڪڏهن ڪو تحديثِ نعمت (يعني اللّٰه تعاليٰ جي ڏنل نعمت ٻڌائڻ) جي لاءِ پنهنجي حجّن جو تعداد ٻڌائي تہ ڪو حرج ناهي پر دين جي علم ۽ نيڪ صحبت جي گهٽتائي جي سبب اڄڪلھ نيّت جي اصلاح تمام گهڻي دشوار ۽ ڏيکاءُ جو شديد خطرو آهي. فرض ڪريو تہ اوهان پڇڻ کان سواءِ ڪنهن کي ٻڌايو تہ ”مون بہ حج ڪيا آهن“ ان تي جيڪڏهن هو پڇي: جناب! مون کي ٻڌائڻ جي ضرورت ڇو پيش آئي؟ پوءِ جيڪڏهن اوهان گهٻرائجي ڇئو تہ تحديثِ نعمت (اللّٰه تعاليٰ جي نعمت کي بيان ڪرڻ) جي لاءِ عرض ڪيو هو. ان تي ٿي سگهي ٿو تہ سائل خاموش ٿي وڃي، پر

غور فرمايو! چا اهو چوڻ وقت ته مان ”بہ حج ڪيا آهن“ واقعي اوهان جي دل ۾ تحديثِ نعمت (يعني الله تعاليٰ جي نعمت بيان ڪرڻ) جي نيّت هئي؟ جيڪڏهن هئي ته بهتر، نه ته ڪوڙ جهڙي گناهہ جو بار مٿي تي پيو ۽ ”دل ۾ هڪ ڳالهہ ۽ زبان تي ٻي ڳالهہ“ جي ڪري نفاق ۽ جيڪڏهن ٻڌائڻ وقت مَعَاذَالله دل ۾ ڏيکاءُ ۽ ريا جو ارادو هو ته ڏيکاءُ واري عمل کي تحديث نعمت چئي ”ڏيکاءُ مٿان ڏيکاءُ“ جو الزام اجان وڌيڪ پيو. ان ڪري مدني التجا آهي ته زبان تي قفل مدينہ لڳائڻ جي ڪوشش ڪريو نہ تہ زبان جي بظاهر تمام ٿوري لغزش بہ جهنم ۾ ڪيرائي سگهي ٿي.

## ٻہ حج ضايع ڪري ڇڏيا

مشهور مُحَدِّث حضرت سيدنا سفيان ثوري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هڪ هنڌ دعوت تي هئا، تہ ميزبان پنهنجي خادم کي چيو: ”انهن ٿانوَن ۾ ماني ڪارايو جيڪي مان ٻئي دفعي حج تان آندا آهن“ سيدنا سفيان ثوري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ القوي اهو ٻڌي فرمايو: ”مسڪين! تو هڪ جملي ۾ ٻہ حجّ ضايع ڪري ڇڏيا!“ (احسن الوعاء لآداب الدعا ص 157)

عطا کر دے اِخلاص کی مجھ کو نعمت
نہ نزدیک آئے ریا یا الٰہی

(وسائل بخشش)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## نيڪيون لڪايو

بنا ضرورت پنهنجي حجن ۽ عمرن جو تعداد، تلاوت ڪيل قرآن

پاڪ، درود پاڪ ۽ ٻين وِرد وظيفن جي پڙهڻ جو تعداد ٻڌائڻ وارن جي لاءِ ڳڻتي جو مقام آهي. (اخلاص جي تلاش وارا دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي جاري ڪيل بيان جي آڊيو ڪيسيٽ ”نيڪيون لڪايو“ حاصل ڪري ٻڌن) بنا ضرورت پنهنجو پاڻ کي حاجي، قاري حافظ چوڻ لکڻ وارا بہ غور ڪن تہ هو حجّ يا قِراءت جو فن، يا قرآن جي حِفظ سان مشرف ٿيڻ جو سر عام اعلان ڪري ڇا حاصل ڪرڻ چاهين ٿا؟ ها! ماڻهو پنهنجي مرضيءَ سان اهڙن کي حاجي صاحب، قاري صاحب يا حافظ صاحب چون تہ ان ۾ ڪو بہ حرج ناهي. ها! بزرگن جي حج جي تعداد جو معاملو بہ ائين آهي تہ يا تہ انهن جي خادمن انهن کي روايت ڪيو هوندو يا تحديث نعمت جي لاءِ پاڻ پنهنجي زبان سان ارشاد فرمايو هوندو. اخلاص جي پيڪرن ٻانهن جو مقصد ڪڏهن بہ نيڪ نامي يا پنهنجي پارسائي جي ڌاڪ ويهارڻ ناهي هوندو. هتي هي بہ عرض ڪندو هلان تہ جيڪڏهن ڪو حاجي پنهنجي حج وغيره جو تعداد ٻڌائي تہ بہ اسان کي ان کي رياڪار چوڻ جي هرگز اجازت ناهي، ڇو تہ دلين جو حال ربّ ذوالجلال ڄاڻي ٿو ۽ اسان تي لازم آهي حسنِ ظن (يعني سٺو گمان) رکون.

## ﴿77﴾ هڪ بزرگ جي شيطان سان ٻالهہ ٻولهہ

ڪنهن بزرگ حج جي ڏينهن ۾ عرفات شريف جي ميدان ۾ شيطان کي انساني شڪل ۾ ان حال ۾ ڏٺو تہ هو نهايت ڪمزور ۽ ڦڪو لڳو پيو آهي، ان جي چيلهہ ڀڳل آهي ۽ روئي رهيو آهي. بزرگ جي پڇڻ تي ان پنهنجي روئڻ جو سبب ڪجهہ هيئن ٻڌايو تہ ڇوتہ هتي الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ حاجي گڏ ٿيا آهن ان ڪري الله

عَزَّوَجَلَّ انهن کي خوار نہ ڪندو، پر مون کي اهو ڊپ آهي تہ ڪٿي سڀ ئي بخشيا نہ وڃن! پنهنجي ڪمزوري جي سبب ان راهِ خدا جي مسافرن جي گهوڙن جو هٽڪڻ ٻڌايو ۽ وڏي افسوس سان چيو: جيڪڏهن اهي سوار (يعني راهِ خدا جا مسافر) منهنجي پسند جي (يعني غفلتن ۽ گناهن ڀريل) رستن تي هجن ها تہ ڏاڍو سنو هو. چهرو ڦڪو ٿيڻ جو سبب ان عبادت تي ماڻهن جي هڪ ٻئي سان مدد ڪرڻ قرار ڏنو. ان بزرگ جڏهن اهو پڇيو تہ تنهنجي چيلهہ چو ڀڄل آهي؟ تہ چيائين: ”ٻانهو جڏهن **الله** عَزَّوَجَلَّ کان دعا ڪندو آهي تہ يا **الله**! منهنجو خاتمو خير سان فرماءِ تہ مون کي سخت صدمو ٿيندو آهي ۽ منهنجي خواهش هوندي آهي تہ هو پنهنجي نيڪ عمل کي ڪجهہ (يعني وڏو ڪارنامو) سمجهي ۽ ان تي آڪڙ ڪري تہ جيئن هو برباد ٿئي. مون کي ان ڳالهہ جو خوف هوندو آهي تہ ڪٿي ان کي اها ڳالهہ نہ سمجهہ ۾ اچي وڃي تہ پنهنجي عمل تي گهٽو فخر نہ ڪرڻ گهرجي بلڪ صرف ۽ صرف الله تعالٰي جي رحمت تي نظر رکندي عاجزي اختيار ڪرڻ گهرجي. (احياءُ العلوم ج 1 ص 322 ملخصًا)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿78﴾ وڏائي چاهڻ واري جي بدنامي

هڪ بزرگ رَحۡمَۃُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: مون مڪي شريف زَادَهَا اللهُ شَرَفًا وَّ تَعۡظِيۡمًا ۾ صفا ۽ مَروه جي درميان خچر تي سوار هڪ شخص ڏٺو، ڪجهہ غلام ”پري ٿيو! پري ٿيو!“ چوندي ان جي سامهون ماڻهن کي هٽائي رهيا هئا. ڪجهہ عرصي کان پوءِ اهو ئي شخص بغداد ۾ وار وڌيل، پيرين اگهاڙو ۽ حسرت زده نظر آيو. مون حيرت سان

پڇيو: ”اللّٰه عَزَّوَجَلَّ تون سان ڇا معاملو فرمايو“ ته جواب ڏنائين: مون اهڙي جڳهه (يعني مڪي پاڪ ۾)”بُلندي“ (وڏائي) ڪئي جتي ماڻهو ”عاجزي“ ڪندا آهن ته اللّٰه عَزَّوَجَلَّ مون کي اهڙي جڳهه بدنام ڪيو جتي ماڻهو بلندي ماڻيندا آهن. (الزواجر عن اقتراف الكبائر ج 1 ص 164)

وُہی سَر بَر سرِ محشر بُلندی پائے گا جو سر
یہاں دنیا میں ان کے آستانے پر جُھکا ہو گا

(وسائل بخشش)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿79﴾ حج جي خواهش هئي پر پئسو نه هو

حضرت سيدنا عمر بن عبدالعزيز رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هڪ دفعي پنهنجي غلام مُزاحِم کي فرمايو: مون کي حج جي خواهش آهي، ڇا تو وٽ ڪجهه رقم آهي؟ عرض ڪيائين: ڏهن دينارن کان ڪجهه وڌيڪ آهن. فرمايائون: ايتري رقم ۾ حج ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟ ڪجهه ئي ڏينهن گذريا مُزاحِم عرض ڪيو: يا اميرالمؤمنين! تياري ڪيو، اسان کي بنو مروان جي مال مان 17 هزار دينار (سونيون اشرفيون) مليون آهن. فرمايائون: انهن کي بيت المال ۾ جمع ڪرائي ڇڏ، جيڪڏهن اهي حلال جا آهن ته اسان انهن مان ضرورت مطابق ڪٽي چڪا آهيون ۽ جيڪڏهن حرام جا آهن ته اسان کي نه کپن. مزاحم جو بيان آهي: جڏهن اميرالمؤمنين ڏٺو ته اها ڳالهه مون کي نه وڻي آهي ته فرمايائون: ڏس مُزاحِم! جيڪو ڪم مان اللّٰه تعاليٰ جي لاءِ ڪرڻ شروع ڪيان ته ان کي بار نه سمجهندو ڪر منهنجو نفس ترقي پسند ۽ سني کان سني جو طلبگار آهي. جڏهن به ان کي ڪو مرتبو مليو ته جلد ان کان به وڏي مرتبي کي حاصل ڪرڻ جي

ڪوشش شروع ڪري ڏني آهي، دنيا جي عهدن مان وڏي کان وڏو عهدو خلافت آهي جيڪو منهنجي نفس کي ملي چڪو آهي هاڻي هي صرف جنت جو طلبگار آهي. (سيرت عمر بن عبدالعزيز لابن عبدالحكم ص 53)

**الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.** اٰمِين بِجَاهِ النّبِيِّ الاَمِين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

آخری عمر ہے کیا رونق دنیا دیکھوں
اب فقط ایک ہی دُھن ہے کہ مدینہ دیکھوں

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هن حڪايت ۾ انهن ماڻهن جي لاءِ درسِ عبرت آهي جيڪي رشوت، وياج، جوا، واپار ۾ ڌوکيبازي ۽ ڪوڙ جهڙن ناجائز ذريعن سان دولت گڏ ڪندا آهن ۽ انهن مان وري حج ڪري سمجهندا آهن ته اسان تمام وڏي ڪاميابي حاصل ڪري ورتي آهي. خبردار! اها ڪاميابي ناهي، بلڪ ”چوري ۽ سينه زوري“ وارو معاملو آهي ۽ ان جو انجام ڏاڍو خراب آهي. حديث شريف ۾ آهي ته جيڪو حرام مال ڪٺي حج جي لاءِ وڃي ٿو ۽ جڏهن لَبَّيڪ چئي ٿو ته الله تعاليٰ ان شخص کي ارشاد فرمائي ٿو: نه تنهنجي لَبَّيڪ قبول، نه خدمت منظور ۽ تنهنجو حج تنهنجي منهن تي مردود ٿي ويو، ايستائين جو اهو حرام مال جيڪو تنهنجي قبضي ۾ آهي اهو انهن حقدارن کي واپس ڪرين. (التذكرة في الوعظ لابن جوزي ص 124)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿80﴾ هر دل عزيز خليفو

مقبوليت ۽ هر دل عزيزي به هڪ تمام وڏو اعزاز آهي، جيڪو سهڻي اخلاق، عدل ۽ انصاف جي ڪري اميرالمؤمنين حضرت سيدنا عمر بن عبدالعزيز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي هيء اعزاز حاصل هو. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هڪ دفعي حج جي موسمِ بهار ۾ جڏهن عرفات جي ميدان پهتا ته ماڻهن جي توجهه جو مرڪز بڻجي ويا. حضرت سُهَيل بن ابي صالح رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه به ان هجوم ۾ موجود هئا، انهن پنهنجي والد محترم کي عرض ڪيو: ”خدا جو قسم! منهنجي خيال ۾ الله تعاليٰ عمر بن عبدالعزيز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سان محبت فرمائي ٿو، والد محترم ان جي دليل گهري ته چيائين: ماڻهن جي دل ۾ ان جي خوب عزت آهي ۽ پوءِ هي حديث پاڪ بيان ڪئي، فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: ”الله عَزَّوَجَلَّ جڏهن ڪنهن بانهي سان محبت ڪندو آهي ته جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام کي فرمائيندو آهي ته مان فلاڻي سان محبت ڪريان ٿو تون به ان سان محبت ڪر، تنهن ڪري حضرت جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام ان سان محبت ڪندو آهي ۽ پوءِ آسمان ۾ اعلان ڪندو آهي ته الله تعاليٰ فلاڻي سان محبت رکي ٿو ته توهان به ان سان محبت ڪريو جنهن ڪري آسمان وارا به ان سان محبت ڪندا آهن ۽ ان کان پوءِ الله تعاليٰ ان کي دنيا ۾ مقبول ڪري ڇڏيندو آهي“. (تاريخ دمشق ج 45 ص 145)

**الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.** اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

وہ کہ اِس در کا ہوا خَلقِ خُدا اُس کی ہوئی
وہ کہ اِس در سے پھرا اللہ اُس سے پھر گیا
(حدائق بخشش)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿81﴾ برقعي پوش اعرابيہ

دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 397 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”پردي جي باري ۾ سوال جواب“ جي صفحي 260 ڪان 261 تي آهي: حضرت سيّدنا سُليمان بن يَسار رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه نهايت متقي، پرهيزگار، بيحد خوبصورت ۽ حسين نوجوان هئا، حج جي سفر دوران ابواء نالي جڳهہ تي هڪ پيري پنهنجي خيمي ۾ اڪيلا تشريف فرما هئا. پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي سفر جو ساٿي ڪاڌي جو انتظام ڪرڻ لاءِ ويل هو، اوچتو هڪ برقعي پوش اعرابيہ (يعني عرب جي ڳوناٺي عورت) پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي خيمي ۾ داخل ٿي ۽ ان چهري تان نقاب هٽائي ڇڏيو! اُن جو حُسن تمام گهڻو فتنو برپا ڪري رهيو هو، چوڻ لڳي: مون کي ڪجهہ ڏيو. پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه سمجهيا شايد ماني گهري رهي آهي، چوڻ لڳي: آئون اُهو چاهيان ٿي جيڪو زال پنهنجي مڙس ڪان چاهيندي آهي. پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه خوفِ خدا ڪان ڏڪندي فرمايو: ”توکي مون وٽ شيطان موڪليو آهي.“ ايترو چوڻ ڪانپوءِ پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه پنهنجو مٿو مبارڪ گوڏن ۾ رکيو ۽ بلند آواز سان روئڻ لڳا. اهو منظر ڏسي برقعي پوش اعرابيہ گهبرائجي تيز تيز قدم کڻي خيمي مان ٻاهر هلي وئي. جڏهن پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جو ساٿي آيو ۽ ان ڏٺو تہ پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه روئي روئي اکيون سڄائي ڇڏيون آهن ۽ نڙي ويهاري ڇڏي آهي تہ ان روئڻ جو سبب دريافت ڪيو، پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه شروع ۾ ٽارڻ ڪان ڪم ورتو پر اُن جي مسلسل اصرار تي حقيقت جو اظهار ڪري ڇڏيائون تہ اهو بہ زار و قطار روئڻ لڳو. فرمايائون: تون ڇو ٿو روئين؟ عرض ڪيائين: مون کي تہ وڌيڪ روئڻ گهرجي ڇو تہ جيڪڏهن توهان جي جڳهہ تي

آئون هجان ها تہ شايد صبر نہ ڪري سگهان ها (يعني شايد گناهہ ۾ پئجي وڃان ها) ٻئي حضرات رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهِمَا روئندا رهيا، ايتري تائين جو مڪي شريف زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًا وَّ تَعْظِيمًا حاضر ٿيا. طواف ۽ سعي وغيره مان فارغ ٿيڻ ڪان پوءِ حضرت سيدنا سُليمان بن يسار رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه حجرِ اَسوَد وٽ آيا ۽ گوڏن جي چوڌاري چادر ٻڌي ويهي رهيا. ايتري ۾ ننڊ جو جهوٽو آيو ۽ خواب ڏٺو تہ هڪ حُسن ۽ جمال جو پيڪر، معطر معطر، سهڻي لباس ۾ ڊگهي قد وارو بزرگ نظر آيو، حضرت سيّدنا سُليمان بن يسار رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه پڇيو: توهان ڪير آهيو؟ جواب ڏنائون: آئون (اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو نبي) يوسف آهيان. عرض ڪيائون: يا نبيَ اللّٰه عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام! زليخا سان اوهان جو قصو بہ هڪ عجيب واقعو آهي. فرمايائون: ابواء واري مقام تي اعرابيہ سان ٿيڻ وارو اوهان جو واقعو بہ تمام گهڻو عجيب آهي. (احياءَ العلوم ج 3 ص 130 ملخصًا)

**اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.** اٰمِين بِجَاهِ النّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

ڏٺو اوهان! حج جي مبارڪ سفر ۾ شيطان ڪيئن حاجين کي گناهن ۾ ڦاسائڻ جون ترڪيبون ڪندو آهي، پر قربان ٿجي عاشقان رسول جي پاڪيزہ ڪردار تي اهي شيطان جي هر وار کي ناڪام بڻائيندا هئا جيئن حضرت سيّدنا سليمان بن يسار رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جن خود هلي اچڻ واري برقعي پوش اعرابيہ کي بہ ڌڪاري ڇڏيو، بلڪ خوفِ خدا وچان خوب روئڻ شروع ڪري ڏنو، جنهن جي نتيجي ۾ حضرت سيّدنا يوسف عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام خواب ۾ تشريف فرما ٿي پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي حوصلہ افزائي فرمائي. بهرحال دنيا ۽ آخرت جي ڀلائي انهيءَ ئي ۾

آهي تہ جنس مخالف (يعني مرد عورت کي ۽ عورت مرد کي) ڪيترو بہ مائل ڪري ۽ گناهن تي اياري پر انسان کي گهرجي تہ هرگز شيطان جي فريبي ڄار ۾ نہ اچي، هر صورت ۾ ان جي مڪر و فريب کان پاڻ کي بچائي ۽ خوب اجر و ثواب ڪمائي.

آخری عمر ہے کیا رونقِ دنیا دیکھوں
اب فقط ایک ہی دُھن ہے کہ مدینہ دیکھوں

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿82﴾ تمام گهڻو روئيندڙ حاجي

حضرت سيدنا مُخَوَّل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: حضرت سيدنا بُهَيم عِجلي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مون کي فرمايو تہ منهنجو حج جو ارادو آهي، ان ڪري ڪنهن کي منهنجو رفيقِ سفر بڻايو. پوءِ مون هڪ پاڙيسري کي ان سان گڏ سفرِ مدينہ تي راضي ڪيو، بئي ڏينهن منهنجو پاڙيسري مون وٽ آيو ۽ چوڻ لڳو: مان حضرت سيدنا بُهَيم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سان گڏ نہ ٿو وڃي سگهان. مون حيرت وچان چيو: ”خدا جو قسم! مان سڄي ڪوفي ۾ ان جهڙو بااخلاق ماڻهو ناهي ڏٺو، آخر ڪهڙو سبب آهي جو تون ان جي ساٿ کان پاڻ کي محروم ڪري رهيو آهين؟“ هو چوڻ لڳو: مون ٻڌو آهي تہ هو سدائين روئيندو رهندو آهي، ان ڪري ان سان منهنجو سفر خوشگوار نہ گذرندو. مان ان کي سمجهايو تہ هو تمام سنو بزرگ آهي ۽ ان جي صحبت اِنْ شَآءَالله تو کي فائدو ڏيندي تہ هو راضي ٿي ويو. جڏهن سفر جي لاءِ اُٺن تي سامان رکيو پئي ويو تہ حضرت سيدنا بُهَيم عِجلي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هڪ پٽ جي ويجهو ويهي روئڻ لڳا ايتري تائين جو سندن ڏاڙهي مبارڪ ۽

سينو ڳوڙهن سان آلو ٿي ويو ۽ ڳوڙها زمين تي لاڳيتو ڪِرڻ لڳا. منهنجي پاڙيسريءَ گهٻرائجي مون کي چيو: اجان تہ سفر جي شروعات ٿي آهي ۽ انهن جو اهو حال آهي، خدا ڄاڻي تہ اڳتي ڇا حالت ٿيندي؟ مون انفرادي ڪوشش ڪندي چيو تہ گهٻراء نہ، اهو تہ سفر جو معاملو آهي ٿي سگهي ٿو تہ ٻار ٻچن جي جدائي ۾ روئي رهيا هجن اڳتي هلي قرار اچي ويندو. حضرت سيدنا بُهَيم عجلي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جن اها ڳالهہ ٻڌي ورتي ۽ فرمايائون: الله جو قسم! اهڙي ڳالهہ ناهي. هن سفر جي ڪري مون کي آخرت جو سفر ياد اچي ويو. اهو فرمائيندي رڙيون ڪري روئڻ لڳا. پاڙيسري وري پريشاني جي حالت ۾ مون کي چيو تہ مان ان سان ڪيئن رهي سگهندس؟ ها ان جو سفر حضرت داوٗد طائي ۽ سيدنا سلام ابو الأحوَص رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِما سان هئڻ گهرجي ڇو تہ اهي ٻئي حضرات بہ تمام گهڻو روئيندا آهن، انهن سان هن جي جوڙي سٺي رهندي ۽ ملي ڪري ڏاڍو روئيندا، مون وري پاڙيسري جي همت وڌائي ۽ آخرڪار هو ان سان مديني جي سفر تي روانو ٿي ويو. حضرت سيدنا مُخَوَّل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا تہ جڏهن حج کان انهن جي واپسي ٿي تہ مان پنهنجي پاڙي واري حاجي وٽ ويس. ان ٻڌايو: الله تعاليٰ اوهان کي سٺي جزا ڏئي مون ان جهڙو ماڻهو ڪٿي ناهي ڏٺو، حالانڪ مان مالدار هئس، پر پوءِ بہ غريب هئڻ باوجود اهي مون تي ڏاڍو خرچ ڪندا هئا. پوڙها هئڻ جي باوجود روزا رکندا هئا ۽ مون بي روزائتي جوان جي لاءِ کاڌو تيار ڪندا هئا ۽ منهنجي ڏاڍي خدمت ڪندا هئا. مون چيو: اوهان تہ ان جي روئڻ جي ڪري پريشان رهندا هئا، هاڻي ڇا خيال آهي؟ چيائين: شروع ۾ مان ۽ پڻ سڀ قافلي وارا بہ انهن جي روئڻ جي

ڪثرت تي گهبرائجي ويندا هئاسين پر آهستي آهستي ان جي صحبت جي برڪت سان اسان تي بہ رقت طاري ٿيڻ لڳي. اسان بہ ان سان گڏ ملي ڪري روئيندا هئاسين. حضرت سيدنا مُخَوَّل رَحمَۃُاللہِ عَلَیہ چون ٿا تہ ان ڪان پوءِ مان سيدنا بُهَيم عِجلي رَحمَۃُاللہِ عَلَیہ جي خدمت ۾ حاضر ٿيس ۽ پنهنجي پاڙيسري جي باري ۾ پڇيومانس تہ فرمائڻ لڳا: تمام سنو رفيق هو ذِڪرُاللہ ۽ قرآن ڪريم جي تلاوت جي ڪثرت ڪندڙ هو ۽ ان جا ڳوڙها تمام جلد وهڻ لڳندا هئا. اللہ عَزَّوَجَلَّ اوهان کي سني جزا عطا فرمائي. (البحرالعميق ج 1 ص 300 ملخصًا) **اللہ عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.**

اٰمِين بِجَاہِ النَّبِيِّ الاَمين صَلَّی اللہُ عَلَیہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

یادِ نبیِّ پاک میں روئے جو عمر بھر
مولیٰ مجھے تلاش اُسی چشمِ تر کی ہے

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿83﴾ حاجين جي حيرت انگيز خير خواهي

مشهور تابعي بزرگ حضرت سيدنا عبداللہ بن مبارڪ رَحمَۃُاللہِ عَلَیہ حج جو ارادو ڪيو تہ ڪيترائي عاشقان رسول گڏ هلڻ لاءِ تيار ٿي ويا. پاڻ رَحمَۃُاللہِ عَلَیہ سيني ڪان خرچ پکو ونئي هڪ صندوق ۾ وجهي محفوظ ڪري ڇڏيو ۽ پوءِ پنهنجي طرفان سيني جي لاءِ سواريون ڪرائي تي ورتيون ۽ قافلو حرم شريف ڏانهن هلڻ لڳو. پاڻ رَحمَۃُاللہِ عَلَیہ قافلي وارن کي پنهنجي ڪيسي مان تمام بهترين کاڌا کارائيندا رهيا. جڏهن اهو قافلو بغداد شريف پهتو تہ پاڻ رَحمَۃُاللہِ عَلَیہ سيني جي

لاءِ بهترين لباس ۽ ڪاڌي پيتي جو ڪثير سامان خريد ڪيو، قافلو منزلون طئي ڪندو آخرڪار مديني شريف زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًا وَّ تَعۡظِيۡمًا حاضر ٿيو. پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه پنهنجي هر هڪ رفيق کي مديني شريف زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًا وَّ تَعۡظِيۡمًا مان انهن جي گهر وارن جي فرمائش مطابق شيون خريد ڪري عنايت فرمايون. ان کان پوءِ قافلو مڪي پاڪ زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًا وَّ تَعۡظِيۡمًا جي پُر نور فضائن ۾ داخل ٿيو ۽ حج جا رڪن ادا ڪيا. حج کان پوءِ اتان به پنهنجي طرفان سيني کي تبرُّڪ وغيره خريد ڪري ڏنا. واپسي ۾ به سڄي وات عاشقانِ رسول تي دل کولي خرچ ڪيائون. جڏهن قافلو پنهنجي وطن پهتو پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه انهن جي گهرن تي ضرورت مطابق پلستر وغيره ڪرائي چونو ڪرائي ڏنو. تن ڏينهن کان پوءِ پنهنجي قافلي جي سيني حاجين جي دعوت ڪئي ۽ سوکڙي طور انهن کي بهترين لباس عطا ڪيا. جڏهن سڀ ڪاڌو کائي چڪا ته پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه صندوق گهرائي کولي ۽ هر هڪ حاجي جي رقم اُهڙي جو اُهڙي واپس ڪري ڇڏي. (عيون الحڪايات ص 254)

**الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.** اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِين صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

دھارے چلتے ہیں عطا کے وہ ہے قطرہ تیرا
تارے کھلتے ہیں سخا کے وہ ہے ذرّہ تیرا

(حدائق بخشش)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿84﴾ حرم پاڪ جي سفر ۾ امام شافعي جي سخاوت

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اوهان ڏٺو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه اسان جي بزرگن جي سخاوت بي مثال هئي ۽ ڇو نہ هجي جو الله تعاليٰ جي حبيب صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عظيم آهي: الله تعاليٰ پنهنجي هر ولي کي سهڻي اخلاق ۽ سخاوت جي فطرت عنايت فرمائي آهي. (تاريخ مدينه دمشق ج 54 ص 472) منقول آهي: سيدنا امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جڏهن (يمن جي شهر) صنعا کان مکي پاڪ زَادَهَا اللهُ شَرَفًا وَّ تَعْظِيْمًا ڏانهن آيا تہ وٽس ڏهہ هزار درهم هئا. مکي شريف جي ٻاهران خيمو لڳايائون ۽ چادر وڇائي سڄي رقم ان تي رکي جيڪو بہ ايندو پئي ويو ان کي مٺ ڀري عطا فرمائن پيا ۽ جڏهن ظهر جي نماز پڙهيائون ۽ اها چادر ڇنڊيائون تہ ان ۾ هڪ درهم بہ باقي نہ بچيو هو. (احياءُ العلوم ج 3 ص 310)

ہاتھ اُٹھا کر ایک ٹکڑا اے کریم!
ہیں سخی کے مال میں حقدار ہم

(حدائق بخشش)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿85﴾ مان ڇو نہ روئان؟

حضرت سيّدنا امام محمّد باقر رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جڏهن حج جي لاءِ مکي شريف زَادَهَا اللهُ شَرَفًا وَّ تَعْظِيْمًا تشريف فرما ٿيا ۽ مسجدالحرام ۾ داخل ٿيا تہ بيت الله شريف کي ڏسي روئڻ لڳا ايتري تائين جو سندن روئڻ جو آواز بلند ٿي ويو. کنهن عرض ڪيو: يا سيّدي سيني ماڻهن جون نظرون اوهان ڏانهن آهن، ايترو زور سان نہ روئو. فرمايائون: ڇو نہ روئان شايد الله تعاليٰ منهنجي روئڻ جي ڪري مون تي رحمت جي

نظر فرمائي ۽ مان قيامت جي ڏينهن ان جي بارگاهه ۾ ڪامياب ٿي وڃان، پوءِ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه طواف ڪيو ۽ ”مقام ابراهيم“ وٽ نماز پڙهي ۽ جڏهن سجدي مان مٿو ڪنيائون ته اها جڳهه ڳوڙهن سان آلي هئي. (روض الرياحين ص 113) **اللهعَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.** اٰمِين بِجَاهِ النّبِيِّ الاَمِين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَرے زائرِ مدینہ! تُو خوشی سے ہنس رہا ہے
دِل غمزدہ جو پاتا تو کچھ اور بات ہوتی

(وسائل بخشش)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿86﴾ لبيڪ چوندي ئي بيهوش ٿي ويا

حضرت سيّدنا امام زينُ العابدين رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جڏهن بيت الله شريف ڏانهن حج جو ارادو فرمايو ۽ احرام ٻڌو ته چهرو مبارڪ زرد ٿي ويو ۽ لَبَّيْک نه چئي سگهيا ماڻهن عرض ڪيو: ”اوهان لَبَّيڪ نه ٿا پڙهو؟“ فرمايائون: مون کي ڊپ آهي ته ڪٿي جواب ۾ لَالَبَّيْک نه چيو وڃي، عرض ڪيو ويو: احرام ٻڌي لَبَّيْک چوڻ ضروري آهي. پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ لَبَّيڪ پڙهي ته بيهوش ٿي سواريءَ تان زمين هيٺ تشريف وٺي آيا ۽ حج پوري ٿيڻ تائين اها صورت حال رهي ته جڏهن به لَبَّيڪ پيا چون ته بيهوش ٿي پيا وڃن. (تهذيب التهذيب ج 5 ص 670)

**اللهعَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.**

اٰمِين بِجَاهِ النّبِيِّ الاَمِين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اُنگلیاں کانوں میں دے دے کے سُنا کرتے ہیں
خَلوَتِ دِل میں عجب شور ہے بَرپا تیرا

(ذوقِ نعت)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿87﴾ معذور حاجي

حضرت سيّدنا شَقيق بَلخي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مون مڪي شريف جي رستي ۾ هڪ معذور کي ڏٺو جيڪو رڙهي هلي رهيو هو. مون ان کان پڇيو: تون ڪٿان آيو آهين؟ ان چيو: سمرقند کان، مون پڇيو: اتان کان هلندي ڪيترو عرصو ٿيو آهي ته ان چيو: ڏهه سالن کان وڌيڪ ٿي ويا آهن. مان وڏي تَعَجُّب مان کيس ڏسڻ لڳس، ان تي ان چيو: اي شقيق (رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه) ڇا ڏسي رهيو آهين؟ مون چيو: تنهنجي ڪمزوري ۽ سفر جي وڏي هجڻ مون کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو آهي، چوڻ لڳو: اي شقيق! سفر جي دوري کي منهنجو شوق (يعني عشق) ويجهو ڪري ڇڏيندو ۽ منهنجي ڪمزوري جو سهارو منهنجو مولا عَزَّوَجَلَّ آهي. اي شقيق! تون هڪ ضعيف ٻانهي تي تَعَجُّب ڪري رهيو آهين، هن کي ته هن جو مالڪ عَزَّوَجَلَّ هلائي رهيو آهي.

ناتوانی کا اَلَم ہم ضُعفا کو کیا ہو!
ہاتھ پکڑے ہوئے مولیٰ کی توانائی ہے

(ذوقِ نعت)

پوءِ ان ٻه عربي شعر پڙهيا جن جو ترجمو هي آهي.

﴿1﴾ منهنجا مولا عَزَّوَجَلَّ، مان تنهنجي زيارت لاءِ اچي رهيو آهيان ۽ عشق جي منزل ڏکي آهي پر شوق ان شخص جي مدد ڪندو آهي جنهن جي مال مدد ناهي ڪندو.

﴿2﴾ اهو عاشق هرگز ناهي، جنهن کي رستي جي هلاڪت جو خوف هجي، ۽ نہ ئي اهو عاشق آهي جنهن کي رستي جي سختي هلڻ کان روڪي ڇڏيو. (روض الرياحين ص 120)

**الله** عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.** اٰمِين بِجَاهِ النّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

ہم کو تو اُن کے سائے میں آرام ہی سے لائے
حیلے، بہانے والوں کو یہ راہ ڈر کی ہے
(حدائق بخشش)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿88﴾ قربانيءَ جي عيد تي جان قربان ڪري ڇڏي

حضرت سيّدنا مالڪ بن دينار رَحۡمَۃُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: مان قافلي سان گڏ حج بيت الله جي لاءِ وڃي رهيو هئس. رستي ۾ هڪ نوجوان ڏٺو جيڪو بنا سواريءَ ۽ بنا سفر جي سامان جي پيادل هلي رهيو هو. مون ان کي سلام ڪيو، ان سلام جو جواب ڏنو، مون پڇيو: اي نوجوان! ڪٿان کان آيو آهين، ان جواب ڏنو: انهيءَ (يعني الله عَزَّوَجَلَّ) وٽان. مون چيو: ڪيڏانهن وڃي رهيو آهين؟ چيائين: انهيءَ (يعني الله عَزَّوَجَلَّ) وٽ، مون چيو: سفر جو سامان ڪٿي آهي؟ چيائين: انهيءَ (يعني الله عَزَّوَجَلَّ) جي ذمي آهي. مون چيو: هي ڏکو رستو

بغير پاڻي جي ۽ سامان جي طئي نہ ٿيندو، تہ وٽ ڪجھ آهي؟ ان چيو: جي ها مون گهران نڪرڻ وقت پنج اکرَ سفر جي سامان طور کڻي ورتا هئا، مون چيو: اهي پنج اکرَ ڪهڙا آهن؟ ان چيو: اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو هي فرمان: كٓهٰيٰعٓصٓ. مون چيو: انهن اکرن جي ڇا معنيٰ آهي؟ ان چيو: **ڪاف** سان ”ڪافي“ يعني ڪفايت ڪرڻ وارو، **ها** سان ”هادي“ يعني هدايت ڪرڻ وارو، **يا** جي معنيٰ پناهہ ڏيڻ وارو، **عين** سان ”عالم“ يعني ڄاڻڻ وارو، **صاد** سان صادق يعني سچو تہ جنهن جو رفيق **ڪافي** ۽ **هادي** ۽ **مُؤوي** (يعني پناهہ ڏيڻ وارو)، **عالم** ۽ **صادق** هجي اهو ڪيئن ضايع يا پريشان ٿي سگهي ٿو ۽ ان کي ڪهڙي ضرورت آهي جو سفر جو سامان ۽ پاڻي کنيو وتي؟ حضرت سيّدُنا مالڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا ان جون ڳالهيون ٻُڌي مان گهڻو متاثر ٿيس ۽ ان کي پنهنجي قميص پيش ڪئي. ان قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو ۽ چيائين: اي شيخ! دنيا جي قميص کان اگهاڙو رهڻ بهتر آهي ڇوتہ دنيا جي حلال شين تي حساب آهي ۽ ان جي حرام شين تي عذاب آهي، جڏهن رات جي اونداهي ڇانئجي وئي تہ ان حاجيءَ آسمان ڏانهن منهن ڪنيو ۽ هن طرح مُناجات ڪرڻ لڳو: اي اها پاڪ ذات! جنهن کي ٻانهن جي اطاعت سان خوشي ٿيندي آهي ۽ ٻانهن جي گناهن سان ڪو نقصان ناهي ٿيندو. مون کي اها شيءِ (يعني عبادت) عطا فرماءِ جنهن سان تو کي خوشي ٿيندي آهي ۽ اها شيءِ معاف فرماءِ جنهن سان تنهنجو ڪو نقصان ناهي ٿيندو. جڏهن ماڻهن احرام ٻڌي ڪري لَبَّيۡڪ چوڻ شروع ڪيو تہ هو خاموش هو، مون چيو: تون ”لَبَّيۡڪ چو نہ ٿو چوين؟ ان چيو: مون کي خوف آهي تہ مان چوان: لَبَّيۡڪ ۽ هو فرمائي: لَالَبَّيۡكَ وَلَا سَعۡدَيۡكَ وَلَا اَسۡمَعُ كَلَامَكَ وَلَا اَنۡظُرُ اِلَيۡكَ

يعني نہ تنهنجي لَبَّيْکَ قبول آهي ۽ نہ سعديک ۽ نہ مان تنهنجو ڪلام ٻڌان ۽ نہ تنهنجي طرف ڏسان. پوءِ هو هليو ويو تہ مون ان کي سڄي رستي ۾ ڪٿي نہ ڏٺو. مِنيٰ پهچي ڏٺو تہ هو ڪجهہ عربي اشعار پڙهي رهيو هو، جن جو ترجمو آهي:

﴿1﴾ بيشڪ اهو حبيب (يعني پيارو) جنهن کي منهنجو رت وهائڻ پسند آهي تہ منهنجو رت ان جي لاءِ حلال آهي، حرم ۾ بہ ۽ حرم جي ٻاهر بہ ﴿2﴾ خدا جو قسم! جيڪڏهن منهنجي روح کي علم ٿي وڃي تہ اهو ڪنهن مقدس ذات سان محبت ڪندو آهي تہ اهو قدم جي بجاءِ مٿي ڀر بيهي رهي ﴿3﴾ مون کي ملامت ڪرڻ وارا! ان جي عشق ۾ مون کي ملامت نہ ڪر جو جيڪڏهن تو کي اهو نظر اچي وڃي جيڪو مان ڏسان ٿو تہ تون ڪڏهن بہ مون کي ملامت نہ ڪرين ﴿4﴾ ماڻهن عيد جي ڏينهن رڍون، ٻڪرين ۽ اُنن جي قرباني ڪئي ۽ محبوب ان ڏينهن منهنجي جان جي قرباني ڪئي ﴿5﴾ ماڻهن جو حج ٿيو آهي ۽ منهنجو حج منهنجي محبوب وٽ وڃڻ آهي. ماڻهن قربانيون هديو ڪيون آهن ۽ مون پنهنجي جان ۽ پنهنجي رت جي قرباني جو تحفو پيش ڪيو آهي.

شعر پڙهڻ کان پوءِ هو ٻاڏائي عرض گذار ٿيو: "اي الله عَزَّوَجَلَّ ماڻهن قربانيون ڪري تنهنجو قُرب حاصل ڪيو ۽ مون وٽ تہ ڪجهہ بہ ناهي جنهن سان مان تنهنجو قرب حاصل ڪيان، سواءِ پنهنجي جان جي، پوءِ ان کي ئي تنهنجي بارگاهہ ۾ نذر ڪريان ٿو تہ ان کي قبول فرماءِ" پوءِ ان حاجي هڪ رَڙ ڪئي ۽ زمين تي ڪريو ۽ ان جو روح خاڪي جسم مان پرواز ڪري ويو. حضرت سيِّدُنا مالڪ بن دينار رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه

فرمائن ٿا تہ پوءِ اوچتو غيب مان اها صدا ٻڌڻ ۾ اچڻ لڳي: ”هي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو پيارو آهي جيڪو اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي عشق جي تلوار سان قتل ٿيو آهي.“ پوءِ مون ان خوشنصيب حاجي جي ڪفن دفن جو بندوبست ڪيو. (روض الرياحين ص 99)

اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي. اٰمِين بِجَاهِ النّبِيّ الاَمِين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

ڪيا نذر کروں پیارے! شے کون سی میری ہے
یہ رُوح بھی تیری ہے، یہ جان بھی تیری ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿89﴾ پراسرار حاجي

حضرت سيّدنا بشر حافي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مون ميدانِ عرفات ۾ هڪ شخص کي ڏٺو جيڪو روئندي عربي ۾ هي شعر پڙهي رهيو هو، ترجمو هي آهي:

﴿1﴾ اها ذات هر عيب کان پاڪ آهي، جيڪڏهن اسان پنهنجي اکين سان ڪنڊن ۽ گرم شين تي بہ ان کي سجدو ڪريون تہ پوءِ بہ ان جي نعمتن جو ڏهون حصو بلڪ ڏهين جو بہ ڏهون حصو حق ادا نہ ٿئي.

﴿2﴾ اي پاڪ ذات! مون ڪيترا ڀيرا خطائون ڪيون ۽ ڪڏهن پنهنجي خطائن ۽ نافرمانين ۾ توکي ياد نہ ڪيو، اي منهنجا مالڪ! تون هميشہ مون کي لڪل نموني ياد فرمائيندو رهين.

﴿3﴾ مون ڪيترائي ڀيرا گناهن جي وقت جهالت سان پنهنجو پردو ڪوليو ۽ تون هميشه مون تي لطف و ڪرم ڪيو ۽ پنهنجي بردباري سان منهنجي پرده پوشي ڪئي.

حضرت سيّدُنا بِشر حافي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ڀوءِ اهو منهنجي نگاهن کان غائب ٿي ويو، جڏهن مون حاجين کان ان جي باري ۾ پڇا ڪئي ته هي ڪير هئا؟ ڪنهن مون کي ٻڌايو ته هي حضرتِ سيّدُنا ابوعُبَيده خواص رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هئا ۽ سندن خُواص (يعني خوبين) مان هڪ هي به آهي ته ستر سالن تائين خوفِ خدا جي سبب آسمان ڏانهن منهن نه ڪنيائون. (روض الرياحين ص 98)

**الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.**

اٰمِين بِجَاہِ النّبِیِّ الاَمِین صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

بے نوا، مُفلس و محتاج و گدا کون؟ "کہ میں"
صاحبِ جُود و کَرَم وَصف ہے کس کا؟ "تیرا"
(ذوقِ نعت)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

